ڊاڪٽر رُخمان گل پالاري

# شاهہ لطيف جو ڀنڀور


***Abstract:***

**Shah Latif's Bhambhore**

*This article analyzes the place of Bhambhore which has been discussed by, Sindh's classical poet, Shah Abdul Latif Bhitai in his poetry. Bhambore finds mention and discussion in the works of many other classical poets as well, including Qazi Qadan, Shah Abdul Karim and others. The highly popular folklore of Sassi-Punhun also has connections with Bhambore in many a ways.*

*Shah Latif has discussed the folklore of Sassi-Punhun at Bhambhore and twenty five other places which still exist in modern day with the same names in different parts of Sindh and Baluchistan. All These places are located on the route to Sassi-Punhun's grave in Balochistan.*


**ڀنڀور** جي تاريخ، جاگرافي ۽ ڪوٽيل ڪنڊرن مان لڏل لاپائتين شين توڙي هن وسندڙ ماضي ۾ شهر جي ڦٽڻ وارو قورو تہ انهن علمن جا عالم ئي ڦوليندا، پر هن مقالي ۾ فقط ڀنڀور مان نِسرندڙ انوکي رومانوي قصي جي نسبت سان اسان جي اساسي شاعرن مان قاضي قادنؒ، شاهہ ڪريمؒ ۽ شاهہ لطيفؒ جي شاعريءَ ۾ هن شهر توڙي هن شهر سان واڳيل ٻين تاريخي ماڳن جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

ڏٺو وڃي تہ، اسان جي اساسي توڙي لوڪ شاعري، هوت پنهونءَ يعني 'هوت دوستين' ۽ سسئي ٻانڀڻ جي نُکَ جي نِهي وارين شاهدين سان ڀري پيئي آهي، جيئن هيٺين بيت ۾ شاهہ لطيفؒ فرمائي ٿو تہ:

> پَرِتَنِ پَالِياسِ، ٻَانِيڻ ٻَيِتِي آهِيان،
> حُسنَ هوتَ پنهونءَ جي، مَاري مَوتَ وِڌِياسِ،
> جانکي تان جيئنديَاس، پِييس وَرِ وصال جي.
> (ٻانهون خان شيخ، شاهہ جو رسالو جلد ٢، سُر ديسي ٩/٨، ص: ١٤٣)

هن رومانوي داستان سان ڀنڀور جو ذڪر اَوس ايندو. اسان جي تاريخ جا عالم





اجان تائين ان مامري تي مُنڌل آهن تہ هي 'ديبل بندر' آهي يا ڀنڀور ۽ ڪن تاريخي ماهرن جو مور ڳو ئي هي چوڻ آهي تہ: "ڏاڍي عجيب ڳالهہ آهي تہ، ڀنڀور شهر جا ڪنڊر تہ موجود آهن، پر تاريخ ۾ ڀنڀور نالي ڪنهن بہ شهر جو اڪين ڏٺو احوال ڪونهي! ۽ جنهن شهر کي ڀنڀور چيو وڃي ٿو، ان کي ديبل چئي بار لاٿو وڃي ٿو."[١]

تاريخي ماهرن جي اها مٿين راءِ پنهنجيءَ جاءِ ڀلي ڪٿي درست ئي چو نہ هجي، پر اسان جي لوڪ توڙي اساسي شاعريءَ ۾ جنهن 'ڀنڀور' نالي شهر جو ذڪر ٿيل آهي، اهو هي ماڳ آهي، جنهن تي اسين اڄ بيٺا آهيون جيئن تہ لوڪ ادب کي قديم ترين ادب ليکيو ٿو وڃي، جنهن لاءِ لوڪ ادب تي شروعاتي تحقيق ڪندڙ 'مسٽر سنجوڪ' جو هي رايو آهي تہ:

> It is older than alphabet, it is older than literature, it is lore and belong to illiterate person.

حقيقت ۾ جي ڏٺو وڃي تہ لوڪ ادب قومن جي ماضيءَ جو ساکي ۽ شاهد آهي، پوءِ ان کي ڀلي اڻ پڙهيلن جو ئي ادب سمجهيو وڃي. لوڪ ادب قدامت جي لحاظ کان قومن جو قديم ترين اثاثو آهي. اسان جي ان عام لوڪن جي ادب جي سگهڙ شاعرن پنهنجن بيتن، ڏورن، ڳجهارتن، هنرن توڙي لوڪ داستانن ۾ هن ڀنڀور جي ماڳ ۽ هن قصي سان واڳيل ٻين ماڳن جيئن: وٽيجي، جوريجي، ملير، لَٽَ، پيرڪڻ پَٽَ، حب نئين، ونڌر نئين، پب جبل، سَنگهر پَٽُ، هاڙهو جبل، ڪيچ ۽ مڪران جو ذڪر سنڌ جي سُگهڙ شاعرن ۾ جلال ڪتيءَ (جو شاهہ لطيف جو وڏو همر عصر هو) کان وينڌي سانوڻ فقير ۽ سنڌس ساٿاري شاعرن کان سواءِ لسٻيلي جي سگهڙ شاعرن ۾ شيخ حمر (شاهہ لطيف جو همر عصر)، شيخ ابراهيم ۽ ڪبير شاهہ کان وينڌي مِينهَن پالاريءَ ۽ سندس ساٿاري شاعرن وٽ سوين تہ ڇا پر هزارين ڀيرا ملي ٿو. نموني طور ڪبير شاهہ جو فقط هڪ بيت هيٺ ڏجي ٿو جنهن ۾ ڀنڀور، ونڌر، سَنگهر واري پَٽَ، ٻاروچل، هوت ۽ ڪيچيءَ جو بہ ذڪر ڪيل آهي.

> "آڳ اندر جي ڪين اجهامي ٻاروچل جا ٻاري هئي،
> روز ڏينهاڙي ڏيرن کي منهنجو پانڌ پلئہ زر-زاري هئي،
> آڏي رات اٿ اُڏميائون واڳَ ونئي وَرَ واري هئي،
> ڪا ڪَلَ پيبم ڪانہ وڃڻ جي ناتي هوت آءٌ هوشياري هئي،



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

تنين وٽي نيو وَرَ کي تڪڙو آن ويل تنهن ويساري هئي،
سُر ٻُر ڪين سُئي مون ساٿيين کا توڏن جي تِنِ تياري هئي،
منهنجي بينڪ شهر ڀنڀور ۾ آءٌ سکي سِر قراري هئي،
جاڳيس تان جانب ڪونهي جنهن ڪيچيءَ سان ڪچاهري هئي،
عشق سونهايم واٽ وِندر جي ناتي ڏِس نہ ڪنهن ڏيکاري هئي،
مرڻ جيئڻ جي ميندُنِ ۾ منهنجي يار پنهون توسان ياري هئي،
سا پُڳ نہ چڏيندي پورهيت تنهنجو ڏوبڻ تو جا ڏاري هئي،
برڪت ٿي جو ٻَرَ ۾ گڏئين ناتي توريءَ وَرَ ويچاري هئي،
ڪيچي ’ڪبير شاهہ‘ چوي تَرَڪَي تنهنجي تاري هئي.“[۲]

لوڪ ادب ۾ جي انهن اهڃاڻن کي ڏسجي تہ پوءِ تمام گهٽي ڊيگهہ ٿي ويندي، تنهن ڪري لوڪ ادب واري باب کي ڇڏي، اساسي شاعريءَ ڏانهن ڏيان ڏرجي، جنهن ۾ سڀ کان پهريان قاضي قادن (۱۴۳۶ع-۱۵۵۱ع) جو نالو ڳڻجي ٿو، جنهن ڀنڀور يا ڪنهن ٻي ماڳ جو نالو تہ ناهي ڪنيو، پر ڀنڀور سان واڳيل سسئي پنهونءَ واري عشقيہ قصي ڏانهن سنئين سڌي طرح اشاري وارا پنج ڇهہ بيت چيا آهن. جن مان نموني لاءِ ٻہ بيت ڏجن ٿا.

لڳي وڃان پير، دانهان ڪندي ڏونگرين،
سوئي سڄڻ ميڙ، جنهين هِئُون ڏکٽي.

پَکَڙيان ڊِڃَهہ پَوَ پَلان ئي نہ لهي،
جتي ساٿ سَندُءِ اڇي سُہ لَکَنِ لنگهيو.“[۳]

قاضي قادن کان پوءِ اسان جي اساسي شاعريءَ ۾ شاهہ ڪريم بلڙيءَ (۱۵۳۸ع-۱۶۲۲ع) واري کي ’وِهائو تارو‘ يعني سدائين اپريل (قطب تارو) چيو وڃي ٿو، جنهن ’ڀنڀور‘ واري ماڳ توڙي سسئي ۽ پنهونءَ جو ذڪر هيٺين بيتن ۾ ڪيو آهي.

”ڀنڀوران ٻہ ٿوڪ، ڪِهِ نہ نِئا پاڻَ سين،
سِڪَڻَ سُپيريَنِ سِين، ٻئو لاڳاپوسين لوڪ.“[۴]

جاڳي جاڳي سسئي، جانَ هيجان هَٿُ وڌاءِ،





تان سُڃِي سَيج پِريَ ري، پُنُو پَٿَرِ ناهہ،
نڪرندي چُئاءِ، گهوڙا گهر نہ سُپيرين.“[۵]

”امڙ ڪوءِ گهروءِ مُنهان، ساٿَڙو وڃي نِڱئو،
هِنيڙو ڏِيئي وَٽِ جنءَ، مُنّ جنءَ تان نہ ڀروءِ.“[۶]

’مُنڌَ مَ مَنَهِ ويهُ، اُپي اوسڙڪُ اُسَ ۾،
تو سيئي سِينَ ڪِئا، ڏُور جنين جو ڏيهُ.“[۷]

جيئن تہ اسان جي ڪن عالمن جو مٿين اساسي شاعرن توڙي شاهہ لطيف تائين لاءِ اهو رايو آهي تہ: ”انهن شاعرن جي بيتن ۾ آيل ماڳ توڙي ڪردار تمثيلي ۽ روحاني حوالي سان آيل آهن.“ انهن عالمن جي ان راءِ سان هروڀرو اهو اتفاق نٿو ڪري سگهجي، ڇو تہ اهو ٻہ لازمي ڪونهي تہ انهن شاعرن جي هر بيت جي تمثيلي طور روحاني معنيٰ ڪڍي وڃي، اهڙا سَوِين مثال شاهہ لطيف جي شاعريءَ مان ڏيئي سگهجن ٿا، پر اهو هڪ ڌار بحث آهي.

جيڪڏهن رڳو شاهہ لطيف جي شاعريءَ جو اڀياس ڪجي تہ هن رومانوي قصي بابت رسالي ۾ پورا پنج سُر سِرجيل آهن، جيئن آبري، ديسي، معذوري، ڪوهياري ۽ حُسيني، انهن سُرن ۾ ذري گهٽ يارهن سؤُ بيت ۽ اَسيءَ کان مٿي وايون آهن، جي ٿلهي ليکي ڳاڻيٽو ڪجي تہ سڄي رسالي جو ٽيون حصو هن عشقيہ قصي تي ٻڌل آهي. شاهہ لطيف پنهنجي بيتن ۽ واين ۾ سٺهٺ (٦٧) ڀيرا ڀنڀور واري ماڳ جو ذڪر ڪيو آهي، جنهن ۾ سَسُئِي نپجي وڏي ٿي.

ڀينر هن ڀنڀور ۾، گهايَلِ ٿي گهاريان،
سڄڻ جي سانگِ وئا، سيئي ٿي ساريان،
سي ڪيئن وسارئان، جي وٺان مون واٽ ٿئا.
(ٻ. خ. شيخ، شاهہ جو رسالو، جلد ۲، سُر حسيني ۳/ ۱۲، ص: ۲۷۵)

وري ڪيچ ۽ ڪيچي (ڪيچ جا رهڻ وارا) جو ذڪر بيتن ۾ ۽ واين ۾ هڪ سَؤَ ويهہ ڀيرا (۱۲۰) ڪيل آهي، ڪيچ جو شهر هوت پنهونءَ جو ڄڻ تخت گاهہ هو.

مُون تَہ ڪِين چَيونِ، ڪُڄاڙئان ڪيچ وئا،



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

پُرِي پَبَ نہ جھلئا، هَاڙھي ڪين اُتونِ،
سَبَرَ ساٿُ سندونِ، وئو لتاڙي لڪيون.

(ٻ. خ. شيخ، شاھ جو رسالو، جلد ٢، سُر ديسي، ١٩/١٠، ص: ١٩٣)

شاھ لطيف پنيور ۽ ڪيچ ڪان سواءِ پنيور ۽ ڪيچ واريءَ واٽ تي جي ٻيا ماڳ آهن، جن ۾ وِيڙھ جو ذڪر پنج ڀيرا، ”آن ڪي ساٿي ڏِٺ، جي مون وِيڙھ وڃايا“ ملير جو ذڪر ٽي ڀيرا، ملير جي ئي ديھ ڄام چڪرو ۾ ڪ ڳٽي پٽ (جنهن ڪي بيتن ۾ اسان جي عالمن ’ڪَهَ گهٽي‘ جي معنيٰ ’پنڌ، اهنجي اوکي واٽ‘ لکي ڇڏيو آهي.) جو ذڪر ارڙهن ڀيرا، حَبُ جا هڪ وڏي برساتي نئين آهي، جنهن تي هينئر هڪ وڏو ڊيم بہ ’حب ڊيم‘ جي نالي ٻڌل آهي، تنهنجو ذڪر سَت ڀيرا، پَبُ (هڪ وڏي جبل جو نالو) جو ذڪر چوويھ ڀيرا، وٽڪار (پب ڪان اولهائين پاسي وارو پوٺو جنهن ڪي ننڍي سنگهر وارو پَٽُ بہ چون) جو ذڪر پندرهن ڀيرا، سنگهر پَٽُ (جتي سسئي ۽ پنهونءَ جي يڪي قبر آهي) جو ذڪر ڇھ ڀيرا، مانباڻ/مانٻار (سسئي ۽ پنهون جي قبر ڪان ميل ڏيڍ اولهائين پاسي هڪ نئين ۽ سامهونءَ واري جبل جو نالو) جو ذڪر ٻہ ڀيرا، هاڙهو (هڪ جبل جو نالو جيڪو سسئي پنهونءَ واري قبر ڪان اترئين اولهائين ڪنڊ واري پاسي ڪافي پري آهي) جو ذڪر ٽيھ ڀيرا، بَرِ (هاڙهي جبل ويجهو هڪ پوٺو) جو ذڪر ويھ ڀيرا، مڪران (هڪ وڏي ايراضيءَ جو نالو جنهن ۾ ڪيچ واري سڄي جُوءِ اچي وڃي ٿي) جو ذڪر ٽي ڀيرا، تنهن ڪان سواءِ لس يعني لسٻيلي جو ذڪر ٻہ ڀيرا، لسٻيلي جي اولھ واري پاسي جائو جبل، جمر ۽ جر وارين چوٽين (جي آواران واري پاسي آهن) جو ذڪر هڪ هڪ ڀيرو ڪيو آهي. پنيور ڪان ڪيچ واري واٽ صديون پراڻي آهي، جتان قافلا ايندا ويندا هئا، اها واٽ وندر ڪان پوءِ ٻن حصن ۾ ورهائجي ٿي. هڪ ٻيلي (لسٻيلي) جائو جبل واري واٽ ٻي لاڪڙي (جبل) ۽ لياري واري واٽ، اهي ٻئي واٽون ڪيچ ڏي وڃن ٿيون. سسئيءَ پنيور ڪان وندر واري واٽ ورتي هئي، آئون سادي طريقي سان تيار ڪيل نقشو انهيءَ ڪري ڏيان ٿو، تہ جيئن ماڳن ڪي سمجهڻ ۾ وڌيڪ سولائي ٿئي.

هن نقشي ۾ ڄاڻايل ماڳن مان ويھ (٢٠) اهڙا تاريخي ماڳ آهن، جن جو شاھ لطيف سنئون سڌو پنهنجن بيتن ۾ نالا ڪٽي ذڪر ڪيو آهي، اهي ماڳ اڄ بہ انهن ئي نالن سان سڃاتا وڃن ٿا. ڊاڪٽر مبارڪ علي پنهنجي ڪتاب ’تهذيب کی کہانی‘ ۾ هڪ








هنڌ لکي ٿو تہ، ترجمو: ”تاريخي ماڳ ۽ جايون اسان جا تاريخي ورثا آهن، هڪ آهي لکيل تاريخ ۽ ٻي آهي ماڳن جي تاريخ، قديم ماڳ جيڪا تاريخ بيان ڪندا آهن، اُها وڌيڪ سچي ۽ ساک ڀري هوندي آهي، ڇو تہ اهي تاريخي ماڳ ڪڏهن بہ ڪوڙ نہ ڳالهائيندا آهن.“[٨] اهڙا ٻيا بہ ڪي تاريخي ماڳ جي هن پنيور شهر جي سڃاڻپ هئا، جن ڪي پندرهن ويهن سالن جي وچ واري عرصي ۾ هٿ وٺي ميساريو ويو آهي، جيئن ’سسئيءَ جو باغ‘ جو هن پنيور ڪان اولهائين طرف نئين گهگهر ۽ وٿيجيءَ جي ڪنڌيءَ تي هو. ان وسنديءَ جو ذڪر رچرڊ برٽن جي ترجمي ٿيل ڪتاب ’سنڌ ڏکويل ماٿري‘ ۾



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

بہ آهي تہ: ”اسان جو قافلو هاڻي وٺيجيءَ ڏانهن پيو وڌي. ڪراچيءَ کان خشڪيءَ واري سفر جي هيءَ ٻي منزل آهي، وچ تي جابلو نئين جا پنج گهارا آهن. ٻين گهارن جي پيٽ ۾ وٺيجيءَ ۾ ڪجهہ وڏيڪ سهولتون موجود آهن. هتي هڪ پراڻي مسجد ۽ هڪ سراءِ بہ آهي، جتي اچي قافلا ترسندا آهن.“(٩) هن باغ جو سربستو ذڪر رئيس ڪريم بخش نظاماڻيءَ جي تر جو هڪ سيلاني حڪيم فتح محمد رُستماڻي جو هڪ پيرو پنهنجي ڦوهہ جوانيءَ ۾ ١٩١٠ع ۾ ٻئي پيري موٽيل وَهيءَ ۾ ١٩٣٥ع ڌاري جوڳين سان ناني پيٽڻ ڪاڻ ويندي هن باغ ۾ ٽڪيو هو. اهو هٿ اکر لکيل سفرنامو مون کي احمد حسين نظاماڻيءَ وٽان مليو. جو مون رُستماڻي صاحب جي ئي نالي شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽيءَ پاران نڪرندڙ ٽماهي ’ڪلاچي‘، رسالي ۾ پڻ ڇپارايو هو. پر اداري جي ايڊيٽوريل بورڊ جي ميمبرن ان سفرنامي جي ڪافي مواد کي ايڊٽ ڪري ڇڏيو. جنهن ۾ خاص ڪري سسئيءَ جي باغ وارو حصو ڪوَري ڪڍيو ويو هو. اهو سيلاني پنهنجي سفرنامي ۾ هڪ هنڌ لکي ٿو تہ: ”جوڳين ٻيو پاٽو اچي گهگهر ۾ وٺيجي نئين جي ڪنڌيءَ تي ’مائي سسئي برهمڻ‘ جي باغ ۾ ڪيو آهي، جنهن جو سنڀالو هڪ سيٺيو ’گنگا رام‘ نالي آهي، هي باغ ڪراچيءَ ڏانهن خشڪيءَ رستي ايندڙ ويندڙ مسافرن ۽ سندن چڙهيءَ جي وهٽن لاءِ هڪ ٿڌي ٽانيڪي جاءِ آهي، جتي مسافرن جي ڇاندي پاڻيءَ ۽ ٿهل ٽڪوڙ سان گڏ سندن اولاڪن لاءِ بہ چارَي پاڻيءَ جو چڱو چوکو بندوبست آهي. هن باغ جي ڏاکڻئين ڪُنڊ ۾ پڪين ڳاڙهين سِرن واري مسجد ۽ ٿورو پرڀرو ڪچين سرن ۾ گِنب سان لِنبيل ٺِڪاڻو پڻ آهي، جنهن ۾ شِوَ ڀڳوان جي ڪاٺ جي ٺهيل هڪ پراڻي مورتي سينڌور ۾ چڙ تہ وهنجاري رکيل آهي.“ سيٺ گنگا رام جو هن باغ جو رکوالو هو. تنهن جو جي نِهو نکوڙيون ٿا تہ سندس نسب نامون اچو موريو مل پٽ پرسومل ٺٺائيءَ جي اَوڙَ ۾ اٽڪي، موريو مل هن تر جو اهو سُگهڙ شاعر هو. جنهن سسئيءَ جي ڄمڻ کان ويندي ڌرتيءَ داخل ٿيڻ تائين (١٢٦) بيت چيا. جن ۾ ڪافي ماڳن جا نالا پڻ آيل آهن. اهي بيت ڪتابي صورت ۾ شايد ڪٿي شايع ٿيل هجن بہ. پر اهي بيت حاجي محمد ابراهيم ڀَوَي (ڀوا هوت بلوچن جي شاخ آهن. ڀواني واري علائقي ۾ رهڻ ڪري مٿن اهو نالو پيو) جي اوطاق تي ١٩٨٨ع ۾ مچ تي ٿيل





مارڪي ۾ ماما لعل محمد پالاريءَ هاڪاري ٻڌايا هئا. جن مان هڪ بيت اسان جي ننڍپڻ واري وقت جي ٽئي درسي ڪتاب ۾ بہ لکيل هو. مون کي اڄ تائين چٽيءَ طرح ياد آهي تہ ان درسي ڪتاب جو ’سبق ٽيون‘ پاڪستان جي باني قائداعظ محمد علي جناح بابت بہ هو. جنهن ۾ لکيل هو تہ: ”قائداعظم محمد علي جناح ٺٽي ويجهو ’جهرڪ‘ ۾ پيدا ٿيو هو.“ بهرحال تہ اهو ڪچڙي ذهن تي چٽيل بيت بہ هتي لکان ٿو.

سسئيءَ چيو سُڪيءَ کي تہ اديون الله توهار،
ڪنيم سور سُڪا ڪري ڏنا جي ڏاتار،
گهوري ٿيندس گهوٽ جي الله جي آڌار،
هَئي هَئي هُل هَنبشا ڪري روئان زاروزار،
جيڪس هِيٺي ذات ڏسي جَت ڇڏي وئين يار،
ڏيان باهہ ڀنڀور کي دوست تو هان ڌار،
ماٺ نہ اچي ’موريو‘ چئي اندر آڳ اَپار،
موڙي مَيَنِ مهار ڪَڪا ڪاهي ويا ڪيچ ڏي.

جڏهن ١٩٣٥ع ۾ اهو ساڳيو سيلاني جوڳين سان گڏ ٻئي پيري ’نانيءَ‘ ڏانهن ويندي هن باغ ۾ ساهي پٽي ٿو تہ ان جو احوال هينئن ٿو ڏي: ”هاڻ هن باغ جو سنڀالو مستري بابومل آهي، جو گنگارام ٺٺاڻيءَ جو سِڪي لڏو ۽ ڀِني لڏو پُٽ آهي، پيءُ جي ديهانت کان پوءِ. مسافرن جي مالڪيءَ واري مٺڪو مٿس ٿو ڦِري، پيءُ کان بہ چاڀَي چاڪريءَ ۾ چار رتيون سوايو آهي. اسان کي ماني کارائڻ کان پوءِ ڏهہ سيري چؤنرِي ماهي مصريءَ واري ڪڙهيل کير جي پاڻ ڪٽي آيو. پنهنجي هٿن سان سَيريڪُ وٽو ڀري هر هڪ کي ادب سان ٿي آڇيائين. پر اسان جي تيرهن واري ٽولي ۾ فقط اسين ٽي کير پيئڻ وارا هئاسين. باقي ٻين جوڳين جو ’اَسُوڪ وِرتُ‘ رکيل هو. تہ هو کابہ اهڙي شيءِ نہ واپرائيندا جنهن سان جسم ۾ ڪو شهواني شڪتيءَ جو ٻَلُ پيدا ٿئي. اڄ رات چوڏهينءَ جي چنڊ ُکِڙي ڏينهن ڪري ڇڏيو آهي، وٺيجي نئين جو شيشي جهڙو صاف پاڻي سامهون اُپَڪپري سمونڊ ۾ ’سيگهي بلا‘ جيئن سرندو پيو وڃي. سو ڄڻ تہ سمونڊ لاءِ گبربند آهي. جو ’آلڙ‘ کي تہ اتاولو ڪريو ڇڏي پر ’وِير‘ بہ هن نئين ڏانهن نَمي بہ ڪون. وري باغ جا وڏا ساوا ڪجين، انبن، آمرين، ليارن، ليسوڙن، پپرن، ٻڙن ۽ نشانبر نِمن جا وڻ پنهنجا ڏهڪاءَ وارا ڏار لوڏي نيري پاڻيءَ کي پوئتي وڃڻ جا اشارا پيا ڏين.“



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ مستري بابومل هندستان هليو ويو، ويندي ويندي هي باغ ۽ باغ جي سنڀال ۽ خرچ پکي لاءِ (٢٢٠) ايڪڙ پَٽَ تي چڙهيل مالڪي واري زمين چاچي ڪَرمي يَوي وارن جي حوالي ڪري ويو، جنهن مان (١٠٨) ايڪڙن تي ٿهيم آباد پرسان گهاري ۽ ٺٽي ويندڙ قومي شاهراهه تي اڏيل واٽر پارڪ ۾ اچي ويئي ُباقي (١١٢) ايڪڙ واٽر پارڪ کان ٿورو اڳيرو قومي شاهراهه جي ڀي هٽ تي هن وقت مستري بابو ڪڇيءَ جي ملڪيت آهي، جنهن جي نالي اڳيان 'مل' لڳل ڪونهي، پر هن گنگا رام جي نالي ڪي گنگو ڪڇي ۾ مٽائي ڇڏيو آهي، جي ٺٽي ضلعي وارو اصل ڪاتو سيد قائم علي شاهه بہ جي ڪٽي پَٽائي ڏسي تہ ڪيس ڪَکُ بہ پلئہ نہ پوندو، چو تہ هي گهاري ڪان ٺٽي قومي شاهراهہ واريون زمينون ٿالين وانگر ٽريڪٽرن ۾ ڀڏيون ڀيبون آهن، جن مان ڪي ڏکجي سمنڊ ۾ هليون ويبون ۽ ڪي وري ڪاري جبل جي چوٽيءَ تي چڙهي ويبون.

سسئيءَ وارو باغ اڄ کان ويهارو سال اڳ مون پاڻ ڏٺو هو، جنهن ۾ ڪجين، انبن، گدامڙين، گيدوڙين، ليارن، ڄارين، ٻڙن، پپرن، نميل ناريلن ۽ نمن جا وڏا شاهي وڻ هئا، سامهون نئين ۾ هتن سان جي ہ تي هيٺ لپا تي هنيا تہ ٿوري دير ۾ اها ڪوتيل نندي ڪڏ تڪيل پاٽيءَ سان ٽمٽار ٿِي ٿَي پيئي، ان زميني جنت واري جُوءِ ڪي سيد غوث علي شاهه جي وڏ وزارت ۽ پوءِ وري پيپلز پارٽيءَ جي جيالي صدر فاروق خان لغاريءَ واري دور حڪومت ۾ آفيسر شاهيءَ ۽ وڏيرا شاهيءَ گڏجي ملير، سڪڻ، جوريجي ۽ گهگهر نَئِين مان رات ڏينهن ڪري ريتي ڪٽي هن پاٽيائي نَئِين جا پيٽ پونا ڪري ڇڏيا، وري رهيل ڪسر هيئن پوري ڪئي ويئي، جو هن سسئيءَ جي باغ ۽ پرپاسي واري زمين ملڪي بچاءُ جي حوالي سان نيويءَ وارن ڪي ڏني ويئي، جن پرپاسي وارن ڳوٺن ڪي لڏائي اچي باغ ۾ خيما کوڙيا، هن باغ بابت گُل حسن ڪلمتيءَ پنهنجي ڪتاب ۾ جيڪا دل ڏاريندڙ وارتا بيان ڪئي آهي، اها هتي ڏيڻ ضروري ٿو سمجهان. "وٽيجيءَ جو علائقو ڪراچي ۽ ٺٽي ضلعي جي سرحد تي آهي، هن علائقي جو گهٽو واسطو ڪراچيءَ سان آهي، پر انتظامي لحاظ کان هي ضلعي ٺٽي ۾ شامل آهي، وٽيجي نئين ڪري، هن ڪي وٽيجي چيو وڃي ٿو، هن جي سمنڊ ۾ چوڙ واري جاءِ تي هڪ خوبصورت باغ هوندو هو، جنهن ۾ ٻڙ، گدامڙي، پپر، نمن، ڪجين، انبن ۽ ٻين ميون جا وڻ هئا، پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ بہ گنگا رام جي ڪوٺيءَ جا آثار موجود هئا، آخري وقتن ۾ حاجي ڪَرمي بلوچ هن جي سار سنڀال لهندو هو، ان ادب دوست شخص، ڊاڪٽر





نبي بخش بلوچ کي وٽيجيءَ گهرائي، هتان جي لوڪ ادب کي محفوظ ڪرائڻ لاءِ ڪچهريون ڪرايون، ان باغ جي اتر اولهہ طرف حاجي ڪرمي ڳوٺ اڄ بہ ضلعي ملير ۾ موجود آهي. ڪنهن زماني ۾ گهاري ويندڙ ميل پٿر تي وٽيجيءَ جو فاصلو سنڌي ۽ انگريزيءَ ۾ لکيل هوندو هو، هي تاريخي ماڳ هو جتي گهاري ۽ ٺٽي کان ايندڙ قافلا منزل ڪندا هئا، راويت اها بہ آهي تہ محمد بن قاسم ديبل تي قبضي ڪرڻ وقت انهيءَ هنڌ ۾ خيما کوڙيا ۽ منزل ڪري اڳتي وڌيو، انهيءَ سان ان باغ جي قدامت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو، هتي مٺي پاٽيءَ جا کوهہ موجود هوندا هئا، هتي مٺو پاٽي ڪجهہ فٽن تي هوندو هو، پاسي مان وهندڙ نئين جي ڪري هي سرسبز ۽ شاداب هو، زمين وٽائين (آڏ واري هئي) تي نالو وٽيجي پيو. سسئي پنيور ڇڏي پنهونءَ لاءِ ڪيچ ڏانهن پنڌ نڪري پيئي تہ هن پهرئين منزل ان باغ ۾ ڪئي، ان ڪري هن باغ کي سسئيءَ جو باغ چيو ويندو هو. هي باغ گهاري ۾ ڪراچيءَ واري پراٽي رستي تي آهي، جيڪو ڪراچي، لاهور ۽ ٻين بندرن ڏانهن ايندڙ تجارتي قافلن ۽ مسافرن جي منزل گاهه هو، هي باغ ١٩٨٩ع تائين موجود هو، جنهن کان پوءِ هن تاريخي باغ کي ختم ڪيو ويو، هن جي تباهيءَ ۾ پنهنجن جو بہ هٿ آهي، سڀ کان پهرين ڪوسٽ گارڊ وارن هن باغ ۾ ڪئمپ قائم ڪري، صدين کان قائم وڻن کي وڍڻ شروع ڪيو، هي باغ لوڪل بورڊ جي حوالي هئڻ ڪري ان جي سار سنڀال ضلعي ڪائونسل ٺٽي حوالي هئي، پر ان جي سار سنڀال جي بجاءِ باقي وڻ بہ وڍرايا ويا، رهيل ڪسر وري ريتي بجري مافيا پوري ڪئي، قلم ١٤٤ جي باوجود بہ پوليس جي نگرانيءَ ۾ هتان ريتي بجري چوري ڪري هن تاريخي باغ کي کنڊرن ۾ تبديل ڪري ڇڏيو. اهو سمنڊ جي پاسي هئڻ ڪري، اتي هڪ بهترين تفريح گاهہ قائم ڪرڻ سان حڪومت کي چڱي آمدني ٿئي ها تہ ان سان گڏ هي تاريخي باغ بہ بچي پوي ها، پر هاڻي اسان هن باغ کي ياد ڪري فقط ڳوڙها ڳاڙهي سگهون ٿا، وڌيڪ ڪجهہ بہ نٿا ڪري سگهون."(١٠) ان باغ ۾ سسئي هر سائي سومار (مهيني جي پهريون سومر تي) تي سهيلين سان گڏجي گهمڻ ايندي هئي، جنهن جي شاهدي موريو مل هيئنئين بيت ۾ هيئن ٿو ڏي.

منڌ ايندي هئي مهيني جي هر سائي سو موار،
سَنَمُڪيون سَلٽ سين گهمنديون هيون گينوار،
جن جي هنج هلٽي ناسڪ بيني ڪُند انڪ ٻيا نشانبر نراڙ،
تن جا پَڳَ پَٽَ جهڙا ڇڻ ريشمي رنگدار،



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

تن کي ڏسي سج شرمائجي ويو ڪڪرن جيءَ قطار،
اهڙا هئا پار اپار، سسئيءَ ۽ سهيلين جا.
(ٻڌايل سُگهڙ ماما لعل محمد پالاري)

ان پوپٽ جي پرن جهڙن نازڪڙن پيرن جي شاهدي خود شاهه لطيفؒ هينئن ٿو ڏي:

پَيرَ پٽائين ڪونئرا، ڏونگر مٿي ڏي،
ڦٽيا ڦڻِ فقير جا، سِيرون ٽئڙا سي،
جِهڙي تَهڙي حالَ سين، پُري پنهونءَ ڏي،
وَڃي مَانَ وري، پانهي پَندَڙُ جن سين.
(پ. ن. شيخ، شاهه جو رسالو جلد ٢، سُر معذوري ٢/١٣، ص: ١٢٢)

اڄ انهن نازنينن جي نازڪ پيرن جي نشانبر نشانين کي لانگ بوٽ پيا لتاڙين.

انهن پيرن جي نشانن تان هڪ ڳالهه ياد آئي ته اڄ کان ويهارو سال اڳ حاجي ابراهيم ڀَوَرَ ۽ آئون ڊاڪٽر ڪليم الله لاشاريءَ سان سندس فوجي رنگ واري جيپ ۾ جڏهن ڀنپور پيٽڻ آياسين، گهمي ڦري اچي اوپرائين اوچائيءَ تي ويٺاسين، مون کي حاجي ابراهيم چيو ته: ”جوانڙ مڙس همٿ ڪر هيٺ بيٺل جيپ مان چانهه وارو ٿبو (ٿرماس) ۽ بسڪوٽ کڻي آءُ.“ حاجي صاحب جي حڪم جي تعميل ڪندي آئون اهو سامان کڻيو پئي آيس ته مون کان ٿورو اڳڀرو ڪو سنڌي ڪتنب جو ڀنپور گهمڻ آيو هو. تن مان ڪن جوانڙين رونشو ڪري پنهنجن نازڪ پيرن مان چپل لاهي اگهاڙي پيرين هلڻ اچان شروع مس ڪيو ته سامهون پرڀرو ويٺل حاجي ابراهيم بلوچ جي مٿن اک پئجي ويئي سو ڏُوران ئي وڏي سڏ هڪل ڪندي چيائين ته: ”اي ابا ڏاهيون ٿيو پِيشالين جهڙا اهي پيرا اگهاڙا نه ڪريو، مٿان ناني سسئيءَ جي پيري جي مٿان پَيرو اچي وَڃِيوَ پو پيپون ڪشالا ڪٽيو، پر پُل ۾ بيبي سسئيءَ جي پيري مٿان ڪنهن جو پيرو اچي به ويو ته الڪو نه ڪريو پنهونءَ جا يار (ڀائر) هوت هت هَڪيا حاضر ويٺا آهن، اوهان کي هيڪلو جهنگ منهن ڪري وڃڻ ڪين ڏيندا.“ هنن ويچارين جو هِڙو چُڙڪ مرداڻو آواز ٻڌو سو سرڙجي کڻي چپل پيرن ۾ پاتائون. جڏهن آئون ٿرماس سميت وٽن ڪلندو اچي پهتس مون ڪيس چيو حاجي صاحب اهي سنڌي آهن، تو وارو اهو سڀ ڳالهاءُ انهن سمجهيو آهي، ته پاڻ مُشڪندي ورندي ڏنائين ”ابا مون به ته اردو ۾ ڪونهي ڳالهايو، جي سمجهيائون آهي ته هوتن جا اٺ به پلاٽئان بيٺا آهن.“



Shah Abdul Latif Bhitai Chair



سسئيءَ جي باغ کان سِڌائي تي ڏهاڪو ڪن ميل اولهه طرف چيلاٽي واري پَٽَ جي دنگ تي ملير ضلعي جي ديهه پپريءَ ۾ ڇهه فوٽ ڪن ڊگهي ۽ اڍائي ٽي فوٽ ڪن ويڪري روهي ڪُتل هئي، ’سڪيءَ جي سسئيءَ واري روهي‘ جي نالي مشهور هئي، اهو چيلاٽي وارو پَٽ اسٽيل مل کي ڏاج ۾ ڏنو ويو، جتي ڪافي سالن کان هن وقت تائين به اتي ڪچ مليل لوهي ڪچرو ڦٽو ڪيو وڃي ٿو. هيءَ تاريخي روهي جنهن لاءِ هن سڄي تر ۾ اها روايت مشهور آهي ته، سسئيءَ سان سهيليون هن هنڌ تائين ساڻ آيون هيون، پوءِ سسئيءَ ڪانئن هن هنڌ تان موڪلايو هو، پوءِ سهيلين اتي يادگار طور اها روهي اپي ڪرائي ڇڏي هئي.

وَڃو سڀ وَرِي، آئين جي وَرن واريون،
ڦوڙائي فراق جي، سُڃي ڳالهه ڳَرِي،
ٻُنيَان جن ٻَرِي، ڏونگر سي ڏوريندين.

يا

وَڃو سڀ مَوٽي، آئين جي ورن واريون،
ڪانه هلندي ڪيچ ڏي، مون کي ڪريو مَ ڪوٽِي،
ڪديم ڪاڇوٽي، وڏم جوڳ جتن لئه.
(پ. خ. شيخ، شاهه جو رسالو، جلد ٢، سُر آبري، ٨-١٠/٤، ص:٢٩-٣٠)

ويهارو سال اڳ مون اها روهي پاڻ ڏٺي هئي، تڏهن به اها زمين هئي ته اسٽيل مل وارن وٽ، پر ان پپريءَ واري پوٽي ۾ اها روهي پري کان پڌري هئي.

ان روهيءَ لاءِ گل حسن ڪلمتي لکيو آهي ته، ”اها روهي هن ٢٠٠٦ع جي آخر ڌاري ڏٺي هئي، ”چيلاٽي واري علائقي کان اڳ ديهه پپري ڪراچيءَ واري علائقي ۾ هڪ جاءِ تي ڇهه فوٽ ڊگهو ۽ ٽي فوٽ ويڪرو پٿر آهي، جنهن کي سڪيءَ واري روهي چيو ويندو آهي. اها روهي پٿر هاڻي اسٽيل سليگ ڊيم جي اندر اچي ويئي آهي، پر اوڏانهن وڃڻ لاءِ انتظاميا کان اجازت وٺڻي پوي ٿي.“[١١] پوءِ سسئي اها واٽ وٺي اچي وِيڙهه واري ڊوريءَ تي لٿي آهي. جنهن لاءِ شاهه لطيف جو بيت آهي:

اَهان کي ساٿي ڏٿَ، جي مون وِيڙهه وڃايا،
رڻان رت مَڃٿ، هاڻي اُنين پيٽيين.

وِيڙهه کان پوءِ ڪافي اڳتي سسئي ملير ۾ لٿي آهي، جنهن لاءِ شاهه لطيف



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

هينئن ٿو فرمائي:

اديون ڪا ايندي، چپر مون سگ ٿئو،
لاهيينديس لڱن ڪي، مليران ميندي،
وِندر آئون ويندي، آري ڄام اجهو ڪري.

(ٻ. خ. شيخ، شاهه جو رسالو، جلد ٢، سُر ديسي ١٩/٦، ص: ١٦٣)

شاهه لطيف جنهن ملير جو ذڪر ڪيو آهي، سو اڄڪلهه مائي ڪلاچيءَ جو هڪ شهيد ٿيل ضلعو آهي، جنهن جي وسيع ايراضي ڪراچي شهر کي ڏاکڻين اوڀرئين ڪُنڊ کان شروع ٿي اترئين اولهائين ڪُنڊ تائين ڄڻ ته ڀاڪر ۾ ڀريو بيٺي آهي، هي خطو ساوڪ، جَرَ جي مٺي پاڻيءَ، ماڻهو موروثي واري ملڪيتي زمينن، نَيُنِ، ڍورن، جبلن، پکي پکڻن، جهنگلي ناياب جانورن، معدني وسيلن، باغن، قديم آثارن جن ۾ غارن واري زماني کان ويندي، موهن جي دڙي ۽ هڙپا وارين سنڌريل تهذيبن جي آثارن جا چِٽا نشان جن ۾: ٺاڪري ٻُني، گوربان، نُٽَالي جو ڪوٽ ۽ الاني جا آثار، شاهه لطيف جو تڪيو، پراڻي زراعتي نظام جون نشانيون، سسئيءَ واري واٽ، گَرو جبل، چنبيلي چوٽي، ٻُڌ جي چاڪڙين ۾ ڪنول جي گُلِ جا چِٽيل نشان، وڏا اپا پنجن ڇهن ڦُٽن وارا چار چار ڪٽل پٿر ٻيا ڪيترائي اڻ ڳڻيا آثار آهن، موجوده حڪومت انهن تاريخي آثارن کي بچائڻ جون وڏيون دعوائون ٿي ڪري، پر ملير ضلعي جا جيڪي تاريخي آثار آهن، انهن مان ڪافي هن حڪومت هٿ وٺي لتاڙيا آهن ۽ ملير جي ساوڪ جا مينهوڳي ۾ وهندڙ نَيُنِ جي سونهري ريتي سان هئي، جن جي اوسي پاسي قدرتي پاڻمرادو پوکيل ميندي جا وڻ هئا، جي انهن نَيُنِ مان رات ڏينهن ڪري ريتي ڪڍڻ ڪري وڃي ڪي ايڪڙ ٻيڪڙ بچيا آهن ۽ ملير جي اها ساوڪ به هاڻي موڪلائي چڪي آهي، سو سسئي به اها وٺيجيءَ اوري واٽ وٺي ملير ۾ داخل ٿي لَٽ واري نئين اُڪري ”اڪيون لَٽ اوراٽيون، ڪنهن پر ڪڙيان پير.“(شاهه) ڪهه ڳڻ پٽ مان هوت پنهونءَ جا پير ڪڙهيندي ٿي وئي، اها پيرن ڪڙڻ واري شاهدي شاهه لطيف هينئن ٿو ڏي.

ڪڙهي ۽ ڪڙي، پَرَ ۾ پيرُ پنهونءَ جو،
سِڪ ٻڌائين سَندرو، جانب لاءِ جَڙي،
لڪن سِر لطيف چئي، مُنڌ جهيڙي ۽ جَڙي،
پٽي تان نه پَري، جي عمر سپ ايئن ڪري.

(ٻ. خ. شيخ، شاهه جو رسالو، جلد ٢، سُر آبري، ٢٠/٨، ص: ٥٥)





ان لَسَي پٽ تي پنهونءَ جو جڏهن ڪيس پير نظر آيو ته، سسئي اهڃاڻن مان سڃاڻي ورتو، جنهن جي شاهدي شاهه لطيف هيئن ٿو ڏي.

لِڪڙياريون آڳريون، ٻاروچاڻو پيرُ،
اَڇي پَسو جيڏيون، تازو پنهونءَ پيرُ،
ويچاريءَ سين وَيرُ، جَتَنِ جيڏوئي ڪِئو.

(ٻ. خ. شيخ، شاهه جو رسالو، جلد ٢، سُر حسيني، ص: ٣١٩)

شاهه لطيف انهيءَ ڪهه ڳٽي واري پَٽَ جو سُر ديسي جي چوڏهن بيتن ۾ نَال بِه نالي ذڪر ڪيو آهي، پر افسوس اسان جي عالمن ڪي اهو ’ڪهه ڳٽي پَٽُ‘ ڪَهه گهٽي سمجهه ۾ آيو آهي، پوءِ ايئن ته رسالي ۾ ڪيئي ماڳ ميسارجي ويا هوندا.

انهن بيتن مان عالمن جي لکيل رسالي وارو هڪ بيت هيٺ ڏيان ٿو. هِن بيت ۾ پير ڏسڻ واري ڳالهه به آهي:

ڪرڙا ڏونگر ڪَهَه گهٽي، جِتِ جبل گهونا گهُون،
ليڙن جو لطيف چئي، تنگ تنوارون پُونِ،
جن ڏٺو پير پرينءَ جو، سي نڪي رُون نه چُونِ،
هوندن مٿي هُونِ، لاڳاپا هن لوڪ جا.

(ٻ. خ. شيخ، شاهه جو رسالو، جلد ٢، سُر ديسي ٣/١، ص: ١٣٨)

اهو پَٽُ اڄ به وڏڙا ان ئي نالي سڏين ٿا، جو هن وقت ضلعي ملير جي ديهه ڄام چڪرو ۾ آهي، جتي ڏهن سالن کان وٺي اڄ ڏينهن تائين جنهن ۾ چار سالن کان به مٿي عرصو هن چونڊيل عوامي حڪومت جو به ڳٽي سگهجي ٿو. هن پَٽَ ۾ هڪ اندازي موجب روزانو ٢٠٠٠ هزار کان ٢٥٠٠ اڍائي هزار ٽن ڪراچي شهر جو ڪچرو هتي ڦٽو ڪري ساڙيو ٿو وڃي، جنهن ڪري سڄو علائقو دونهي جي ڪڪرن ۾ ڍڪيو پيو آهي، پنهون ۽ سسئيءَ جي نازڪ پيرن جا نشان ته ويا هزارين ٽن ڪچري هيٺ دٻجي ۽ ڪاراٽجي، پر آسپاس جيڪي جيئرا جاڳندا انسان، جانور توڙي پکي پکڻ رهن ٿا، انهن جي حالت لفظن ۾ بيان ڪرڻ کان چڙهيل آهي، ان پَٽ ۾ عراق واري پاسي کان هڪ ناياب نسل جو پرديسي پکي ايندو هو، جنهن کي انگريزيءَ ۾ (Hypocolious) جي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو، اسان وٽ پکين تي تحقيق ڪندڙ ماهر احمد حسين نظاماڻي صاحب ان جو نالو ’ڪجل ٽاريلي‘ رکيو هو، اهو پکي سياري جي مُنڍ ۾ هتي ايندو هو، هتي آنا ڏيئي ٻچا ڪري پوءِ مئي مهيني جي شروع واري ڏينهن ۾ پنهنجن ٻچن سميت وري



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

پنهنجي ڏاڏاڻي ڏيھ ويندو هو. هيءُ پَٽُ ان پکيءَ لاءِ ڄڻ تہ هڪ هيچري هئي، هاڻي ان سڄي تر ۾ اهو پرديسي پکي سپجي بہ ڪونہ. تہ سسئي بہ اها حَبُ واري واٽ وٺي حَب ندي نئين پار ڪندي اڳتي وڌي. حَبُ نئين جنهن تي هن وقت هڪ وڏو ڊيم پڻ ٻڌل آهي. هيءَ نيئن اٽڪل ٣٠٠ ڪلوميٽر پَٽَ پوٺا پسائيندي، جبلن مان پنهنجي واٽ ٺاهيندي پبّ جبل جي اترئين قطار جي ٻنھ پرسان وهندي ور وڪڙ ڏيندي اچي ڪڙاڪ/ ڪڙڪ بندر جي ڦٽل آثارن جي ڏاڪڻي ڪُنڊ تان سمنڊ ۾ چوڙ ڪندي هئي، هاڻي ڊيم جي ڪري ڊيم ۾ ئي چوڙ ڪري ٿي، ڪڙاڪ بندر تائين نئين جو پاڻي نہ پهچندي، هزارين ايڪڙ زمين، ماڻهو پکي پکڻ پنهنجا اجها اجاڙي ويٺا. شاه لطيف پنهنجي شاعريءَ ۾ ست ڀيرا هن نئين جو ذڪر ڪيو آهي، نموني طور هڪ بيت هيٺ ڏجي ٿو.

روجھ ڏٺائين راتِ، هوت ڳوليندي حَبِ ۾،
ڪيچين جي ڪڙي ٿيي، توءِ تنين جي تاتِ،
ٻاروچاڻي ذاتِ، مَناءَ مُيَ نہ وسري.

(شاهواڻي، شاه جو رسالو، جلد پهريون، سُر ديسي ٥/٣، ص: ٥٣٣)

سسئيءَ حَبُ اُڪري سڌو 'وِندر' واري واٽ ورتي، وندر هڪ مينهوڳي نئين آهي، جنهن ڪريهن علائقي تي وندر نالو پيو، اها نئين پبّ جبل جي سلسلي واري جابلو قطار جي اُترئين پاڙ وٽان نڪري اٽڪل (١٠٠) ڪن ڪلوميٽرن وَهي سونمياڻيءَ ڪان اٽڪل (٧) ڪلوميٽر ڪن پري سمنڊ ۾ اچي چوڙ ڪري ٿي، شاه لطيف پنهنجي شاعريءَ ۾ وندر جو ذڪر سترهن ڀيرا ڪيو آهي. مثال طور هڪ بيت هيٺ ڏجي ٿو.

وِندر جي وَٽن سين، ڪيم سهسين سُڪائون،
پنهون وٺي پاڻ سين، اَچان جو آئون،
وَرندي واچائون، ڏيان شاخ سيڪنهن.

(ٻ. خ. شيخ، شاه جو رسالو، جلد ٢، سُر ديسي، ٦/٢٠، ص: ١٦٣)

وندر نئين اُڪرڻ ڪان پوءِ ڪيچ ڏانهن ٻہ واٽون وڃن ٿيون (جتي هوت پنهونءَ جو ڪيچ نئين جي ڪنڌيءَ تي 'مِيرِي قلات' يعني حڪمران جو ڪوٽ آهي.) هنن مان هڪ واٽ جيڪا لياري، لاڪڙي، ٻَر، هاڙهي، پَورِ، هنگول ڪان ٿيندي تُربت ڪان ٤ ڪلوميٽر ڪن پرڀرو گذرندي ڪيچ نئين پار ڪري، ميري قلات تي اچي پهچندي. ٻي واٽ پَبّ واري واٽ جا لسٻيلي، جائو جبل، آواران واري سڄي جابلو سلسلي مان ٿيندي آرونڪ ۽ ساميءَ وٽان ڪيچ نئين پار ڪندي شهرڪ ۽ سريڪان مان ٿيندي اچي 'ميري





قلات' تي پهچندي آهي. شاه لطيف تہ ٻنهي واٽن تي آيل جبلن نَيِن ۽ ماڳن جو ذڪر ڪيو آهي، پر سسئيءَ پبّ واري واٽ ورتي، ان واٽ کي 'ٻيلي واري واٽ' اڄ بہ ڪوٺيو وڃي ٿو. شاه لطيف سسئيءَ جي پنجن سُرن ۾ چوويھ ڀيرا پبّ جو ذڪر ڪيو آهي ۽ پبّ جو ذڪر وارو هڪ هڪ بيت سُر ڪاهوڙيءَ ۽ سارنگ ۾ پڻ ملي ٿو.

ويون پبّ پئي، ڳَيرون ڪاهوڙين جون.
(سُر ڪاهوڙي)

ماڪريءَ تان ٿي موٽيو، ڏيئي پبّ پاسو.
(سُر سارنگ)

مثال لاءِ سسئي وارن سُرن مان هڪ بيت هيٺ ڏجي ٿو:

لنگهي پَبُ پَري ٿِئا، لَڪَ نہ لاٿائون،
پُنهون منهنجو پاڻ سين، نوع ۾ نيائون،
جيئن مون سين ڪِئائون، تيئن ڪيچين سين ڪيم ٿئي.

(ٻ. خ. شيخ، شاه جو رسالو، جلد ٢، سُر ديسي ١٢/٤، ص: ٢٠٥)

پبّ اصل ۾ هالار جبلن جي سلسلي جي ڇھ ساڍا ڇھ سو ڪلوميٽر ڊيگھ واري قطار آهي، جنهن جا مختلف هنڌن تي مختلف نالا آهن. جيئن سمنڊ واري ڏاکڻين پاسي هن جبل جي چيڙي واري چوٽيءَ کي 'پبوني' چون، جنهن جي معنيٰ آهي، ننڍڙو پبّ، هتي پبونيءَ نالي مشهور ناڪو هو. هن ناڪي ڪان ايندڙ ويندڙ مال تان محصول اُڳاڙيو ويندو هو، پر هاڻي هي ناڪو ملڪي بچاءُ وارن حوالي آهي، پبّ جي ٻين حصّن ۾ جيئن آمري، راهيگ، لڪڙو، ڪارو پبّ، اها جبلن جي قطار اتر ۾ وري 'هالار' واري جابلو سلسلي تائين پهچي ٿي. اڄ ڪان ويهارو سالَ ڪن اڳ ١٩٨١ع ڌاري اسان ڏهن دوستن مائي سسئيءَ جو جڏهن پيرو ڪنيو هو تہ ان سَٽَ ۾ سَتَ ڄڻا جن جو چونڊ هو تہ سسئي اسان جي ناني آهي، مون کي پَبُ جي اوڀرئين پاسي ٻنھ پاڙ وٽ اها گذاريل رات ناهي وسري، هڪ چُوپُ اوندهي ٻيو رَوڏُ ڪارو ڪِيٺُ جبل وري هوا جي سوسٽن جا عجيب پراسرار آواز ڄڻ تہ اوسي پاسي سَت سِسِئان راڪاس پيا گهمن تڏهن تہ شاه لطيف هينئن چيو تہ:

سسئيءَ لنگهيو سو، مرد جنهن مات ڪئا،
جبل وڏو جو، آڏو آريچن کي.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

پبَ جبل اُڪرڻ ڪان پوءِ نندين ٽڪرين اچڻ ٿيون پوءِ سنواٽو پوٺو شروع ٿئي ٿو، جنهن ڪي نندي سنگهر ۽ وٽڪار بہ چون شاهہ لطيف هن پوٺي جو ذڪر پندرهن ڀيرا ڪيو آهي، نموني لاءِ هڪ بيت هيٺ ڏجي ٿو.

واقف نہ وٽڪار جي، اڳئان سفر سنانٽو،
آڏا لڪ لطيف چئي، جبل جُوراٽو،
پهرو اُت ٻاٽو، سولو ڪِج سات جو.

(ٻ. خ. شيخ، شاهہ جو رسالو، جلد ٢، سُر آبري ٢/٧، ص: ١٢)

وٽڪار ڪان اڳيان سنگهر وارو پَٽ آهي. هن پَٽ ۾ ڪنديءَ جو وڻ جام آهي، هن وڻ ۾ اپريل واري مهيني ۾ چؤنري جهڙي ڦرهي ٿيندي آهي، جنهن ڪي 'سَنگهَرَ' چون، ان ڪري هن پَٽ جو نالو ئي سنگهر آهي. هتي سسئي پنهونءَ جي يڪي هڪ قبر آهي جا پَبَ جبل ڪان ٻارهن ڪن ڪلوميٽر اولهائين پاسي پري آهي، هن پَٽَ جو بہ شاهہ لطيف ڇهہ ڀيرا ذڪر ڪيو آهي.

اُونءَ تان اوٺين نہ ڪِئو، جيئن اُتن آرِيءَ چام،
ٻڙڪي ٻاهر نِڱي، گاذر منجهان گام،
سِسِي ڏيئي سام، ستي سَنگهر پٽيين.

(ٻ. خ. شيخ، شاهہ جو رسالو، جلد ٢، سُر حسيني ١٢/٢٣، ص: ٣٤٧)

شاهہ لطيف سسئي پنهونءَ جي قبر ڪان ڏيڍ ڪلوميٽر ڪن اولهائين پاسي مانٻار/مانباڻ جو ذڪر ڪيو آهي.

ليڙن لنگهي لَس، مانباٽئان متي ويا،
وني ور واٽ ٿئا، پنهون ڄام پَهسَ،
هئا وڏي وَسَ، ٻاروچا ٻنيور ۾.

(ٻ. خ. شيخ، شاهہ جو رسالو، جلد ٢، سُر حسيني 1⁄4، ص: ٢٨٧)

هن تر ۾ نندي جبل وٽان وهندڙ برساتي نئين بہ آهي. ان جبل ۾ هڪ وڏي سير مثل ڏار بہ ڀيل آهي، جنهن لاءِ هيءَ روايت مشهور آهي تہ اهو ڏار سسئيءَ جي نينهن واري نهار ڪري پيو آهي، جنهن جي شاهدي شاهہ لطيف هيئن ٿو ڏي:

پسي اُڄ اسات، ڏونگر ڪي ڏار پئو،
سسئيءَ جي سورن جي، لَڪ متي لاٽَ،





ڇَپَرُ مَڙوئي ڇَاٽَ، منڌ پار ڪدي پاٽي ڪئو.

(ٻ. خ. شيخ، شاهہ جو رسالو، جلد ٢، سُر ديسي ١٢/٢٣، ص: ٢١٠)

هتي هڪ وڏو پٿر بہ ڀيل آهي، جنهن جي هڪ پاسي ٽُنگ ٿيل ڪٽوريءَ جي تَري جو نشان بہ آهي. ان پٿر ڪي جي ان نشان وٽان ڌڪ هڻجي ٿو تہ ڪَنجهي جهڙو آواز نڪري ٿو. سامهون واري جبل ۾ ڪن هنڌن تي اٽلڪا هٿن، پيرن ۽ ڪپڙي جي پلئن جا نشان بہ ڏسجن ٿا. جن لاءِ هي روايت مشهور آهي تہ سسئي هتان گهٽو اڳتي نڪري ويئي هئي، پر اڳيان پورالي نئين ڪيس پوئتي موٽايو ۽ اهو اِڇُو ٻڪرار ڪيس اُتي ئي گڏيو ان جي بد نظر ڏسي ڪانئس ڪٽورو وني ان ۾ ٽُنگ ڪري ڪيس ڏنائين تہ هي ڪير جو پري ڪٽي آءُ ۽ پوءِ پاڻ سنگهر جي پٽ ڏانهن موٽ ڪائيندي پنهنجي رب ڪي ٻاڏايائين تہ ڏٽي هن بدؤَ ڪان مون ڪي بچاءِ، پوءِ خدا جي قدرت سين زمين ڦاٽي پيئي ۽ سسئي اندر هلي ويئي ۽ سندس چُنيءَ جو ڇِڳُل ٻاهر رهجي ويو، جو هوت پنهونءَ لاءِ جهنڊي جو نشان هو. شاهہ لطيف ڪيچ ڏانهن ويندڙ هن گس تي لسٻيلي واري ماڳ جو بہ ذڪر ڪيو آهي.

"ليڙن لنگهي لس، مانباٽئان متي ويا."

ڪيچ لاءِ هنگول واري جابلو پٽيءَ وارو جيڪو گس آهي، ان تي ايندڙ ٻَرَ واري پوٺي جو ويهہ ڀيرا ذڪر ڪيو آهي، هي پوٺو هاڙهي جبل جي وَٽِ ڪان شروع ٿي سمنڊ واري پاسي وڃي ڪٽي ٿو.

ٻِرهہ مٽايس ٻَرُ، نہ تہ سُڪي ڪير سَڏون ڪري،
گهٽو ڏورِيائين ڏڪ سين، ڏيرن لئي ڏونگر،
وري آيس وَرُ، سفرَ مئيءَ جا ساب پئا.

(ٻ. خ. شيخ، ساهہ ۾ رسالو، جلد ٢، سُر ديسي ٦/١٤، ص: ١٦٢)

شاهہ لطيف ٽيهن ڪان بہ وڌيڪ ڀيرا هاڙهي جبل جو ذڪر ڪيو آهي، جو بہ هن هنگول واريءَ واٽ تي پور نديءَ ڪان پهرين اچي ٿو.

جُتَ پِٽي پهُہ جات، هاڙهي پُڇ مَ هوت ڪي،
لڪنَ ۾ لطيف چئي، تيندءِ پيرَ پَيماٽَ،
ڇڏ مَ گس گنگن جو، وٽ اُهائي واٽَ،
ڳوڏن واريا گات، تون پڻ هلج ٽڪڙي.

(ٻ. خ. شيخ، شاهہ جو رسالو، جلد ٢، سُر آبري ٨/٤، ص: ٥٢)



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

جيئن تہ شاهہ لطيف مڪران جو بہ ذڪر ڪيو آهي. هنگول ۽ لسٻيلي وارا ٻئي گس مڪران جي ايراضي مان ٿيندا ڪيچ ڏانهن وڃن ٿا. هنگول واري پاسي اگهور ندي کان لسٻيلي واري پاسي پورالي ندي کان پوءِ مڪران شروع آهي. ڪيچ بہ مڪران واري ايراضي ۾ اچي ٿو شاهہ لطيف ٿي پيرا مڪران جو بہ ذڪر ڪيو آهي.

ڪاڏي منهن مَڪُران جو، ڪاڏي پَريُون پنڌُ،
ليڙن جو لطيفُ چئي رِڙهي لَِڌم رندُ،
آيل آسابندُ، ڪنهن پر ڪيچين سان ٿئي.

(ٻ. خ. شيخ، شاهہ جو رسالو، جلد ٢، سُر ديسي ١١/١٠، ص: ١٩٨)

حقيقت تہ اها آهي، جنهن پنپور جو ذڪر شاهہ لطيف ڪيو آهي، سو ڪيچ مڪران سان واڳيل هي پنپور ئي آهي، جنهن جي شاهدي اهي اوچا جبل، برساتي نيون مينهوڳي ڍورا، ٿوٽ پوٺا ۽ سنوان پَٽَ ڏين ٿا. جي اڄ بہ انهن ئي نالن سان سُڃاڃجن ۽ سڏجن ٿا. انهن لطيفي شاهدين کان وڌيڪ هن پنپور جي پرپانگ ٽيل شهر لاءِ ٻي ڪهڙي شاهدي کپي.

برو هو پنپور، پر آرياڻيءَ اجاريو. (شاهہ)

(نوٽ: هي مقالو پنپور تي پهرين بين الاقوامي ڪانفرنس، ١٠ مارچ، ٢٠١٢ع تي پيش ڪيو ويو).

## حوالا

١. ابڙو، بدر، ’سنڌ جو شاهہ‘، شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، ٢٠٠٠ع، ڇاپو پهريون، ص: ٣٠٨.

٢. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، ’ٻيلائين جا ٻول‘، زيب اديب مرڪز، حيدرآباد، ڇاپو ٻيو، ١٩٧٠ع، ص: ٩٤-٩٥.

٣. ٺڪر هيرو، ’قاضي قادن جو ڪلام‘، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، ڇاپو پهريون، ١٩٩٦ع، ص: ٨٦.

٤. ميمڻ، عبدالمجيد، ’شاهہ ڪريم ۽ ڪلام‘، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، ڇاپو ٻيو، ٢٠٠٧ع، ص: ٨٢.

٥. ساڳيو، ص: ١٠٠.





٦. ساڳيو، ص: ٨٥.

٧. ساڳيو، ص: ٨٥.

٨. مبارڪ علي، ڊاڪٽر، ’تهذيب ڪي ڪهاني‘، ايڪشن اينڊ انٽرنيشنل پاڪستان، ڇاپو ٻيو، ٢٠٠٤ع.

٩. رچرڊ برٽن، ترجمو: عطا محمد ڀنڀرو، ’سنڌ ڏکويل ماٿري‘، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، ٢٠٠٦ع.

١٠. ڪلمتي گُل حسن، ’ڪراچي سنڌ جي مارئي‘، ڪاڇو پبليڪيشن ڪراچي، ڇاپو پهريون، ٢٠٠٧ع، ص: ٥٧٨.

١١. ساڳيو، ص: ٥٧٩.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair